# رحم دِلي ڪيئن ملي؟

10-November-2022

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنَّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

10نومبر، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# رحم دِلي ڪيئن ملي؟

هن بيان ۾ اوهان پُڙهي سگهندؤ...

- ✿... پيارا آقا رَحۡمَةٌ لِّلۡعٰلَمِيۡن آهن
- ✿... حضرت موسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام جي رحم دلي
- ✿... ٻين تي رحم دلي جو اعلٰي تَرين مثال
- ✿... ڏيئرن تي ايثار ڪرڻ واري نيڪ خاتون
- ✿... رحم دلي ڪيئن ملي....؟

پيشڪش

مجلس اَلۡمَدِيۡنَةُ العلميه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شَعبه بيَاناَت دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

حضرت ابو طلحه انصاري رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري صبح جي وقت الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰہ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي نوراني چهري تي خوشي جا آثار هئا، صحابهِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ عَنْہم ان جو سبب پڇيو ته فرمايائون: الله پاڪ پيغام موڪليو آهي: اي محبوب صَلَّى اللّٰہ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان جو جيڪو اُمّتي اوهان تي هڪ ڀيرو درود شريف پڙهندو، مان ان جي لاءِ 10 نيڪيون لکندُس، ان جا 10 گناهه مٽائيندُس، 10 درجات بلند فرمائيندُس ۽ اوتري ئي رحمت موڪليندُس.[1]

اُن پر درود جن کو کسِ بے کساں کہیں | اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے[2]

**وضاحت**: اهو پيارو آقا، مڪي مديني وارو مصطفٰي صَلَّى اللّٰہ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جن کي بي سهارن جو سهارو چيو ويندو آهي، جيڪو هر بي خبر جي خبر رکڻ وارو آهي، انهن تي درود ۽ سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... مُسْنَد اَحْمد، جلد:5، صفحه:509، حديث:16352.

[2] ... حدائقِ بخشش، صفحه:209.

## بيان ٻڌڻ جون نِيَّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سٺين سٺين نيتن سان ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ۞رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ۞ اَدَب سان ويهندس ۞ بيان دوران سُستي کان بچندس ۞ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ۞ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اُٺ تي مصطفٰي جي شفقت

حضرت تميم داري رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ صحابيءِ رسول آهن، پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ 9 هجري ۾ ايمان قبول ڪيو، وڏا عبادت گذار هئا، تلاوتِ قرآن جو شوق رکندا هئا، سندن معمول مبارڪ هو ته رات جو هڪ رڪعت ۾ پورو قرآنِ ڪريم ختم ڪري وٺندا هئا، حضرت تميم داري کي هي سعادت به ملي ته سندن ئي سڀ کان پهريان مسجد نبوي شريف ۾ چراغان ڪيو.[2]

حضرت تميم داري رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ هڪ نهايت پياري حديثِ پاڪ روايت ڪئي آهي، فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن اسان بارگاهِ رسالت ۾ حاضر هئاسين، ايتري ۾ هڪ اُٺ (*Camel*) ڊوڙندو پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ ان اينديئي پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي مٿي

---

[1]... مسند فِردَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث:6895۔

[2]... مرآة المَناجيح، جلد:1، صفحه:256۔

مبارڪ جي ويجهو پنهنجو منهن ڪيو (جڻ ڪن ۾ ڪجهه چئي رهيو هو). فرياد ٻڌڻ واري نبيءِ، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اُٺ جي فرياد ٻڌي ڪري فرمايو: اي اٺ! پُر سڪون ٿي وڃ...!! جيڪڏهن تون سچو آهين تہ تنهنجو سچ تنهنجي لاءِ آهي ۽ جيڪڏهن تون ڪوڙو آهين تہ توکي ان ڪوڙ جي سزا ملندي. **بيشڪ جيڪو اسان جي دامن ۾ پناهہ وٺندو آهي، الله پاڪ ان کي امن سان نوازيندو آهي، جيڪو اسان جي بارگاهہ ۾ اچي ويو، اهو ڪڏهن بہ نامراد ناهي رهندو.**

تميم داري رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه فرمائن ٿا: اسان عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اُٺ ڇا ٿو چئي؟ فرمايائون: ان جا مالڪ هن کي ذبح ڪرڻ چاهين ٿا، هي انهن کان ڇڏائي ڪري ڀڄي آيو آهي ۽ توهان جي نبي (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) کان پناهہ گهري ٿو. اجان هي ڳالهيون هلي رهيون هيون تہ اٺ جا مالڪ بہ اتي اچي پهتا، اٺ **جيئن ئي انهن کي ڏٺو تہ ٻي ڪسن جي آقا، مڪي مدني مصطفٰي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي پٺيان لڪڻ لڳو،** اٺ جا مالڪ حاضر ٿيا، عرض ڪيائون: يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! هي اسان جو اٺ آهي، 3 ڏينهن کان اسان هن کي پڪڙڻ جي ڪوشش ۾ آهيون پر هي هٿ ئي نہ ٿو اچي، اڄ توهان جي بارگاهہ ۾ مليو آهي. پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هن توهان جي نهايت بُري شڪايت (***Complaint***) ڪئي آهي. هن جو چوڻ آهي تہ هي سالن جا سال توهان جي خدمت ڪندو رهيو آهي، هاڻي جڏهن تہ هي پوڙهو ٿي ويو آهي تہ توهان هن کي نَحر ڪرڻ چاهيو ٿا. اٺ جي مالڪن چيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اٺ سچ ٿو چئي. فرمايائون: ڇا نيڪ خدمت گذار جي اها ئي جزا هوندي آهي؟ پوءِ پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن انهن کان 100 درهمن جي عيوض اٺ خريد ڪيو ۽ اٺ کي فرمايائون: وڃ...!! تون الله پاڪ جي رضا جي لاءِ آزاد آهين. اُٺ رسولِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ سندن امّت کي دعائون

ڏيندو هليو ويو. [1]

اپنے مولا کی ہے بس شانِ عظیم، جانور بھی کریں جن کی تعظیم
سنگ کرتے ہیں ادب سے تسلیم، پیڑ سجدے میں گرا کرتے ہیں
ہاں یہیں کرتی ہیں چڑیاں فریاد، ہاں یہیں چاہتی ہے ہرنی داد
اسی در پر شترانِ ناشاد گلۂ رنج و عنا کرتے ہیں

وضاحت: اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو نرالو شان آهي، جانور بہ سندن تعظيم ڪندا آهن، پٿر ادب سان ڪين سلام ڪندا آهن، وڻ سندن حضور سجدي ۾ ڪرندا آهن، ها! ها! هيءَ ئي بارگاهہ آهي جتي جهرڪيون بہ فرياد ڪنديون آهن، هرڻي هتان مدد گهرندي آهي ۽ هيءُ ئي دنيا وارن جي سلطان جو در آهي جتي اُٺ بہ اچي ڪري ڏکَ ۽ غم کان نجات جو فرياد ڪندا آهن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو چا تہ نرالو شان آهي. اُٺ حلال جانور آهي ۽ حلال جانور کي نَحر ڪرڻ، ان جو گوشت کائڻ بلڪل جائز آهي، رحمتن واري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن خود پنهنجي رحمت پري هٿن سان اُٺَ نحر فرمايا آهن پر هتي معاملو ڪجھ ٻيو هو، ان اٺ سالن جا سال پنهنجي مالڪن جي خدمت ڪئي هئي، ان نحر ٿيڻ نہ ٿي چاهيو، ان جي خواهش هئي تہ مون کي منهنجي خدمت جو سُٺو بدلو (***Reward***) ڏنو وڃي، ان ڪري ان بارگاهہ رسالت ۾ پناهہ گهري ۽ الحمد للہ! جيڪو محبوبِ خدا امامُ الانبيا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي دامن ۾ پناهہ وٺندو آهي، اهو ڪڏهن بہ نامُراد ناهي رهندو. اعلٰي حضرت رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جا ڀاءُ مولانا حَسن رضا

[1] ... الترغيب والترہيب، کتاب القضاء وغيره،ترغيب فی شفقة علی خلق اللہ، صفحہ:739، حديث:24۔

خان صاحب رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَیۡه ڪيڏي پياري ڳالھ لکن ٿا:

ڈھونڈا ہی کریں صَدرِ قیامت کے سپاہی | وہ کس کو ملے جو تیرے دامن میں چھپا ہو

وضاحت: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ! قيامت جي ڏينهن جنهن خوش نصيب کي اوهان جي دامنِ رحمت، دامنِ شفاعت ۾ پناھ ملي ويندي، اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! اهو جنّت ۾ پهچي ويندو.

اُٺ به بارگاھِ رسالت ۾ پناھ گهري ته سبحان الله! رحمتِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو نرالو شان ڏسو! پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اٺ جو فرياد به ٻُڌو، ۽ ان کي پناھ به عطا فرمائي ۽ ان کي خريد ڪري آزاد به فرمائي ڇڏيو.

## پيارا آقا رَحۡمَةٌ لِّلۡعٰلَمِيۡن آهن

سيپارو: 17، سورة انبيا، آيت: 107 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَمَآ اَرۡسَلۡنٰكَ اِلَّا رَحۡمَةً لِّلۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۱۰۷﴾<br>(سيپارو: 17، سورة انبياء، آيت: 107) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اسان اوهان کي تمام جهانن جي لاءِ رحمت بڻائي ئي موڪليو آهي. |

تفسير صراط الجنان ۾ آهي: تاجدارِ رسالت، شهنشاھِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ نبين، رسولن ۽ فرشتن جي لاءِ رحمت آهن ❁ دين ۽ دنيا ۾ رحمت آهن، جِنن ۽ انسانن جي لاءِ رحمت آهن ❁ مومن ۽ ڪافر جي لاءِ رحمت آهن ❁ حيوانات، نباتات ۽ جمادات (يعني بي جان شين) جي لاءِ رحمت آهن، مطلب ته: عالَم ۾ جيتريون شيون داخل آهن، سيّدُ الۡمُرسلين صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن سيني جي لاءِ رحمت آهن. (1)

سلطانُ المُفَسرين، صحابيءِ رسول حضرت عبدُ الله بن عبّاس رَضِيَ اللهُ عَنۡهما فرمائن ٿا: حضورِ اڪرم، نورِ مُجسّم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو رحمت هجڻ عام آهي، ايمان

[1]… تفسير صراط الجنان، پاره :17، سورۂ انبياء، تحت الآية:107، جلد:6، صفحه:386۔

وارن جي لاءِ بہ ۽ ان جي لاءِ بہ جنھن ايمان نہ آندو. مومن جي لاءِ تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دنيا ۽ آخرت ٻنهي ۾ رحمت آهن ۽ جنهن ايمان نہ آندو ان جي لاءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دنيا ۾ رحمت آهن جو جانِ عالَم، نورِ مُجَسّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي ۾ ان جي لاءِ دنياوي عذاب کي مُؤخَّر ڪيو ويو، اُن تان زمين ۾ ڌٻائڻ ۽ شَڪليون بگاڙي ڇڏڻ جو عذاب ڪنيو ويو. [1]

اعلىٰ حضرت، امامِ اهلِ سنّت، شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: عالَم ماسواءِ الله کي چوندا آهن (يعني الله پاڪ کان علاوه جيڪو ڪجھ آهي، سڀ عالَم آهي)، ان ۾ انبياء ۽ ملائڪ سڀ داخل آهن، تہ لازمي طور تي حضور پُر نور، سيدُ المرسلين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن سڀني لاءِ رحمت ۽ نعمت ٿيا ۽ اهي سڀ حضور جي سرڪار کان فيضياب پڻ ٿيا. [2]

| | |
|---|---|
| وہ نبیوں میں رحمت لقب پانے والا | مرادیں غریبوں کی بر لانے والا |
| مصیبت میں غیروں کے کام آنے والا | وہ اپنے پرائے کا غم کھانے والا |
| فقیروں کا ملجا، ضعیفوں کا ماویٰ، | یتیموں کا والی، غلاموں کا مولا |
| خطا کار سے درگزر کرنے والا | بداندیش کے دِل میں گھر کرنے والا |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اُمّتي هجڻ جي تقاضا

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جا آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ رَحْمَةٌ لِّلعالمين (يعني تمام جهانن جي لاءِ رحمت) آهن ۽ اسان سندن امّتي. رَحْمَةٌ

---

[1] ... تفسير خازن، پاره :17، سورهٔ انبياء، تحت الآية:107، جلد:3، صفحه:246۔

[2] ... فتاوى رضويہ، جلد:30، صفحه:141بتغير قليل۔

لِلعالمين صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو اُمّتي هجڻ جي تقاضا (*Requirement*) آهي تہ اسان بہ رحم دل بڻجون، پيار، محبت، ڀائيچارو، احسان ۽ مهرباني وارا جذبات دل ۾ وڌايون. پنهنجي وقت جي وڏي امام، امام عبدُ الوهاب شعراني رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ان جي باري ۾ نهايت پيارا مدني گُلَ ڏنا آهن:

## (1): سيني جي لاءِ رحم دل ٿي وڃو...!!

پاڻ فرمائن ٿا: رسولِ رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي طرفان تمام مسلمانن کي هيءَ نصيحت آهي تہ اسان شريعت جي دائري (*Realm*) ۾ رهي ڪري تمام مخلوق تي رحم ۽ شفقت ڪيون.[1]

يعني ڪا بہ شيءِ هجي، انسان هجي، جانور هجي، رڍ، بڪري، ڍڳي، ننڍڙيون ننڍڙيون ڪِوليون، مک، مڇر (*Mosquitoes*) پکي، مطلب تہ تمام مخلوقات تي رحم ۽ شفقت ڪرڻي آهي، هي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي هر اُمتي جي لاءِ نصيحت آهي.

## جنّت ۾ وڃڻ جي لاءِ رحم دلي ضروري آهي

حضرت ابو موسٰي اَشعري رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ کان روايت آهي، ٻنهي جهانن جي لاءِ رحمت، صاحبِ ڪوثر ۽ مالڪِ جنّت صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: لَا تَدْخُلُوا الْجَنَّةَ حَتّٰى تَرَاحَمُوْا يعني توهان ان وقت تائين جنّت ۾ داخل نٿا ٿي سگهو، جيستائين پاڻ ۾ رحم دل نہ ٿي وڃو. صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ عَنْہم جن عرض ڪيو: يا رسولَ اللّٰه صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! كُلُّنَا رَحِيْمٌ يعني اسان سڀ ئي رحم ڪرڻ وارا آهيون. فرمايائون: مطلب هي نہ آهي تہ توهان مان ڪو پنهنجي دوست تي رحم ڪري بلڪ هن مان مُراد رحمتِ عام آهي (يعني تمام انسان، جانور، مک،

---

[1]...لواقح الانوار القدسية، جلد:1، صفحه:575۔

ڪِول وغيره سيني جي لاءِ رحم دل تي وجو). [1]

## (2): رحم دلي جي مِقدار ڪيتري هجي...؟

اي عاشقانِ رسول! اسان کي تمام مخلوق تي رحم ته ڪرڻو آهي، انهن سان احسان (*Kindness*) ۽ ڀلائي وارو معاملو ته ڪرڻو آهي، پر ذهن ۾ سوال ايندو آهي ته رحم دلي جي مقدار ڪيتري هجڻ گهرجي؟ اسان ڀين تي ڪيتري حد تائين رحم ڪيون؟ امام شعراني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مخلوق ۾ هر هڪ پنهنجي حق ۾ جيترو رحم دل هوندو آهي، اسان ان جي حق ۾ ان کان به وڌيڪ رحم دل (*Kind Hearted*) ٿي وجون، هيءَ وراثتِ مصطفٰي آهي. [2]

الله اڪبر! اي عاشقانِ رسول! اسلام جو حسن ڏسو! اسلام اسان کي صرف رحم دلي جي تعليم ناهي ڏيندو بلڪ اسلام هي چوندو آهي ته الله پاڪ جي ڪا مخلوق پاڻ پنهنجي حق ۾ جيتري رحم دل آهي، توهان ان کان وڌيڪ ان تي رحم دل ٿي وجو! سُبۡحٰنَ الله!

اسان مان شايد ڪوڙ سارن کي هي تجربو (*Experience*) هوندو ته اسان پنهنجي پاڻ کي چماٽ هڻون ته ايڏو زور سان نه هڻي سگهنداسين، جيڏو زور سان ٻين کي هڻي سگهون ٿا. تجربو ڪري ڏسي وٺو! ماٺهو هٿ ڪٽي ڪري، پنهنجي پوري زور سان چڪي ڪري پاڻ کي چماٽ هڻي، پنيان ڪان هٿ گهڻو تيز ايندو پر ويجهو اچي ڪري پاڻهي آهسته ٿي ويندو، مطلب ته اسان پاڻ کي سچي زور سان چماٽ نه هڻي سگهنداسين. چو؟ ان ڪري جو اسان کي درد ٿيندو آهي، خبر آهي ته ٺڦ لڳندو ته درد ٿيندو، ان ڪري هٿ پاڻهي رڪجي ويندو آهي، هي اسان جي پنهنجي ذات تي شفقت آهي، هي اسان جو پنهنجي

---

[1]... مستدرڪ، ڪتاب البر والصلة، جلد:4، صفحه:282، حديث:7389۔

[2]...لواقح الانوار القدسيه ،العهد السابع و السبعون بعد المائة ، جلد:1،صفحه:573۔

ذات تي رحم آهي. ان رحم ۽ شفقت سان وڏيڪ ٻين تي رحم ڪرڻ، هي سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي وراثت آهي.

## حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جي رحم دلي

الله پاڪ جا نبي حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام وڏا جلال وارا هئا ۽ ان سان گڏوگڏ نهايت ئي رحم دل به هئا، اعلانِ نبوت کان پهريان پاڻ ٻڪرين جي سار سنڀار ڪندا هئا، هڪ ڀيري ائين ٿيو جو هڪ ٻڪري ڌڻ کان ڌار ٿي ڪري ڀڄي وئي، حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام ان کي پڪڙڻ جي لاءِ پنيان تشريف کڻي ويا، ٻڪري ڀڄندي وئي، ڀڄندي وئي، ايستائين جو هڪ جڳهه ڪنڊيدار ٻوٽن ۾ وڃي ڦاٿي، هاڻي حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جن ان کي ڪنڊن مان ڪڍيو، ان جي جسم ۾ ڪنڊا لڳي ويا هئا ۽ ٻڪري جي پنيان ويندي ويندي حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جا پيرَ مبارڪ به زخمي ٿي چڪا هئا پر قربان وڃو! حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام کي پنهنجي تڪليف جي ڪجهه پرواهه نه هئي، پاڻ ان ٻڪريءَ کي ڪلهن تي کنيائون، روئي چوندا وڃن پيا: اي ٻڪري! تو پاڻ کي به ٿڪايو، مون کي به ٿڪائي ڇڏيو، توکي منهنجو ته خيال نه هو، چا توکي پنهنجو به خيال نه آيو...!! (1)

الله اڪبر! انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جو شان ئي نرالو آهي. هن کي چوندا آهن پاڻ کان وڌيڪ ٻين تي رحم ڪرڻ. هي کهڙي شفقت ۽ رحمت آهي...!! ڪاش! اسان گناهه گار، سخت دل وارن کي به رحمت ۽ شفقت نصيب ٿي وڃي.

## ڪِولين تي بي مثال رَحم

حضرت علي خوّاص رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام وڏا ڪامل ولي ٿي گذريا آهن، سندن گهر ۾ ڪِوليون نظر نه اينديون هيون، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مبارڪ معمول هو ته پاڻ پنهنجي گهر ۾ ننڍن ننڍن سوراخن جي اڳيان ڪاڏو ۽ مانيءَ جا ٽڪرا رکي

---

1... مرقاة المفاتيح، كتاب الاطعمة، جلد:8، صفحه:101 بتغير قليل۔

ڇڏيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: ڪِول (*Ant*) جڏهن بڪايل هوندي آهي ته مجبوراً رزق جي تلاش ۾ پنهنجي برڙ کان ٻاهر نڪرندي آهي، پوءِ ڪڏهن ڪنهن جي پيرَ جي هيٺان اچي مري ويندي آهي يا ڪو جانور ان کي لتاڙي ڇڏيندو آهي، ايئن ويچاري موت جو شڪار ٿي ويندي آهي، مان پهريان ئي ڪِولِن جي سوراخن وٽ ماني وغيره رکي ڇڏيندو آهيان ته جيئن انهن کي ٻاهر نڪرڻ جي ضرورت ئي پيش نه اچي، انهن کي گهر ۾ ئي انهن جو کاڌو ملي، ته نه اهي ٻاهر نڪرن، نه پاڻ کي خطري (*Danger*) ۾ وجهن. [1]

سُبۡحٰنَ الله! ڇا شان آهي الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جو...!! انهن جي سوچ ڏسو! ڪهڙي نرالي هئي؟ هڪ ڪِول شايد پاڻ به پنهنجي لاءِ اهڙو اهتمام نه ڪندي هجي، جهڙو اهتمام حضرت علي خوّاص رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه انهن جي لاءِ ڪندا هئا، انهن جو کاڌو سندن گهر پهچائيندا ۽ انهن کي ممڪنه خطري کان بچائيندا هئا.

## ٻين تي رحم دلي جو اعلٰي ترين مثال

پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! ٻين تي شفقت ۽ مهرباني ۽ رحم دلي جو هڪ اعلٰي ترين مثال (*Example*) ٻڌون ٿا: اسان جا پير، پيرانِ پير، پير دستگير حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پاڻ به نهايت رحم دل، شفيق ۽ مهربان هئا، 546 سن هجري، رجبُ المُرجب جو مهينو هو، جمعي جي ڏينهن حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جن بيان فرمايو، بيان جي دوران پاڻ فرمايائون: اي انسانو! مان توهان جي طرف صرف ۽ صرف الله پاڪ جي رضا جي لاءِ متوجهه (*Attentive*) ٿيندو آهيان، منهنجي اندر توهان جي لاءِ اهڙي رحم دلي ۽ شفقت آهي جو جيڪڏهن ٿي سگهي ها ته مان توهان جي جڳهه توهان مان هر هڪ جي قبر ۾ مان خود لهان ها ۽ توهان جي طرف کان نَڪيرين کي جواب

---

[1] ... لواقح الانوار القدسيه ،العهد السابع و السبعون بعد المائة ، جلد:1،صفحه:574۔

۽ خود ڏيان ها...!! [1]

قلبِ مردہ کو بھی ٹھوکر سے جِلا دو مرشد
تم نے ٹھوکر سے ہے مردوں کو جِلایا یاغوث!
آفتوں میں ہوں گرفتار، مدد کو آؤ
آہ! دُنیا کے غموں نے ہے ستایا یاغوث!
میں جہنّم میں نہ اب جاؤں گا اِنْ شَآءَ الله
رہنما تم کو جو میں نے ہے بنایا یاغوث!

الله اڪبر! **اي عاشقانِ رسول!** غور فرمايو! هي ڪهڙي خيرخواهي آهي!هي ڪهڙو عظيم جذبو آهي...!! قبر جي پهرين رات ڪيڏي سخت ترين رات هوندي آهي، مردو صدمن ۾ چور چور هوندو آهي، دنيا ڇڏڻ جو غم، اولاد جي جدائي جو غم، پوءِ روح نڪرڻ جي تڪليف، قبر جي وحشت، اونداهي، اڪيلائي، پوءِ ان سان گڏوگڏ فرشتا قبر ۾ ديوارون چيريندي اچي ويندا آهن، ميت کان سوالات ڪندا آهن.

هن دنيا ۾ اسان جا ڪوڙ سارا دوست آهن، رشتيدار آهن، ڪو ته صرف پنهنجي مطلب تائين هوندو آهي ۽ جيڪي وفادار سچي زندگي ساٿ نڀائيندا به آهن ته صرف قبر جي ڪناري تائين، شايد سڳو پيءُ به پنهنجي پٽ جي لاءِ اهڙي خواهش نه ڪري سگهي ته پٽ..! مان چاهيان ٿو، توهان جي جڳهه توهان جي قبر ۾، مان لهان ۽ توهان جي طرف کان نَڪيرَين جا جوابات ڏيان. هي پيرن جي پير، پير دستگير، شهبازِ لامڪاني، محبوبِ سبحاني، سيّدنا شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه آهن، جيڪي فرمائي رهيا آهن: اي منهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا امّتيو! منهنجي خواهش ته هي آهي ته توهان مان ڪنهن کي به قبر جي وحشت ۽ اڪيلائي جو منهن نه ڏسڻو پوي، توهان مان ڪنهن جي به قبر جهنّم جو ڪڏو نه بڻجي، مان خود توهان جي قبر ۾ لهان ۽ توهان جي طرف کان نڪيرين جي سوالن جا جوابَ به خود ئي ڏيان ته جيئن توهان جي قبر جنّت

---

[1] ... الفتح الربانی، صفحہ:318۔

جي باغن مان باغ بڻجي وڃي ۽ توها ن نجات ماڻي وڃو...!!

ایمان اس کا بچ گیا شیطان سے، جو تیرے | ہے سلسلے میں آ گیا بغداد والے مرشد [1]

الله پاڪ حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تي ڪروڙين رحمتن جو نزول فرمائي. ڪاش! اسان سندن ڪامل مريد بڻجي وڃون.

## (3) جمادات (بي جان شين) تي به رحم

خير! امام شعراني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مدني گلُ ڏنو: ڪو پنهنجو پاڻ جي باري ۾ جيترو رحم دل آهي، اسان ان ڪان وڌيڪ ان تي رحم دل ٿي وڃون، هي وراثتِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ آهي. اسان کي ڪوشش (***Effort***) ڪرڻ گهرجي ته اسان رحم دل بڻجي وڃون، انسانن تي به رحم ڪيون، جانورن، پکين، ڪِولِن تي رحم ڪيون بلڪ امام شعراني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت علي خوّاص رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ته ايتري قدر فرمايو ته رحمتِ عام (***Common Mercy***) جي شرائط مان هي به آهي ته ماڻهو جمادات (يعني بي جان شين) سان به ايئن ئي رحم دلي سان پيش اچي، جيئن زنده شين سان پيش ايندو آهي. [2]

ڏسو! پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ تمام جهانن جي لاءِ رحمت آهن، پاڻ انسانن جي لاءِ رحمت، جانورن جي لاءِ به رحمت، وڻن جي لاءِ به رحمت ۽ الحمد لله! اسان جا پيارا نبي، رحمتن وارا نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جمادات (يعني بي جان شين) جي لاءِ به سراپا رحمت آهن،

اُسْتُنِ حنَّانَہ جو واقعو مشهور آهي. بخاري شريف ۾ روايت موجود آهي، مسجدِ نبوي شريف ۾ هڪ کجيءَ جي سُڪَل ٿُڙَ هوندو هو، پيارا آقا، مديني

[1] ... وسائلِ بخشش، صفحہ:546۔

[2] ...لواقح الانوار القدسیہ ،العہد السابع و السبعون بعد المائۃ ، جلد:1،صفحہ:573۔

وارا مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان سُتون تي ٽيڪ لڳائي ڪري خطبو ڏيندا هئا. پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي لاءِ ڪاٺ جو منبر ٺاهيو ويو، جمعي جو ڏينهن هو، پاڻ سڳورا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ مسجد ۾ تشريف ڪٺي آيا، منبر تي تشريف فرما ٿيا ته اوچتو ڪنهن جي روئڻ جو آواز اچڻ لڳو (جيئن ڪو ٻار سڏڪا ڀري روئي رهيو هجي)، ڏٺو ويو ته اهو ئي ڪجيءَ جي سُڪل ستون هو جنهن سان ٽيڪ لڳائي ڪري مديني وارا ميرَ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ خطبو ڏيندا هئا، مصطفٰي جي جُدائي ۾ سُڏڪا ڀري روئي رهيو هو، پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ان جو روئڻ ڏسي نه سگهيا، پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ منبر مبارڪ تان هيٺ لٿا، ان ستون جي ويجهو تشريف ڪٺي آيا، ان تي شفقت جو هٿ رکيائون، بخاري شريف ۾ الفاظ آهن ته **رحمتِ عالَم، نورِ مُجسَّم** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ **ان سُتون کي چپ ڪرائڻ جي لاءِ سيني سان لڳائي ورتو،** هاڻي چا هو، جيئن روئيندڙ ٻار کي ماءُ سيني سان لڳائي آهي ته اهو ننڍا سڏڪا ڀرڻ لڳندو آهي، اهو ستون به ايئن ئي سڏڪا ڀرڻ لڳو، ايستائين جو چپ ٿي ويو.[1]

سبحان الله! هي آهي رحمتِ عامه، سيني تي رحمت، سيني تي شفقت...!! ڪاش! رحمتِ عالَم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ان رحمت ۽ شفقت جو هڪ قطرو به اسان کي نصيب ٿي وڃي، ڪاش! اسان به رحم دل ٻڻجي وڃون.

## رحم دلي ۽ اسان جو حال بي حال

هاءِ! اسان جو حال بي حال آهي، هاڻي ته اسان جون دليون اهڙيون سخت ٿي ويون آهن جو جمادات ته ڀري جي ڳالهه آهي، جيئري جاڳندي جانورن تي رحم ناهي ايندو بلڪ جانور ته جانور آهي، انسانن تي به ڪنهن کي رحم نه ٿو اچي بلڪ هاڻي ته معاملو ان کان به اڳتي نڪري ويو آهي، غيرن تي رحم ڪير ڪري، هاڻي ته انسان وحشت ۽ ظلم ۾ زمانهءِ جاهليت جا مثال دُهرائي رهيا

---

[1]... بخاری، کتاب المناقب، باب علامات النبوۃ، صفحہ:913، حدیث:3585۔

آهن، پنهنجي اولاد تي، ننڍڙين ننڍڙين گُلن جهڙين ٻارڙِين تي ظُلم ۽ ستم جا اهڙا پهاڙ توڙيا ويندا آهن جو دل ڏڪي ويندي آهي، اخبارن ۾ ۽ سوشل ميڊيا (*Social Media*) وغيره تي خبرون ايندئون رهنديون آهن: ڪو ننڍڙن ٻارن کي قتل ڪري پاڻ بہ خودڪشي ڪري ڇڏيندو آهي، ڪو ٻارڙين جي لڳاتار پيدائش کان تنگ اچي ڪري ماءُ کي بہ قتل ڪري ڇڏيندو آهي، گُلن جهڙي ننڍڙِي کي بہ قتل ڪري ڇڏيندو آهي.

## ننڍڙيءَ کي پريشر ڪُڪر ۾ رکي ڪري...

امير اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو تمام پيارو رسالو آهي: **”زنده ڌيءُ کوھ ۾ اڇلائي ڇڏي“** ڌيئرن جي عزت ۽ عظمت جي باري ۾ هن رسالي ۾ تمام مُفيد معلومات آهي، هر هڪ کي پڙهڻ گهرجي، جيڪڏهن سيني ۾ دل آهي ۽ زنده آهي تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هي رسالو پڙهندي لڙڪن کي روڪي نہ سگهندؤ. هن رسالي ۾ امير اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ هڪ تمام دردناڪ (*Painful*) واقعو لکيو آهي فرمائن ٿا:

ڪشمير جي ڪنهن علاقي ۾ هڪ شخص کي پنج نياڻيون هيون ۽ ڇهون ڀيرو ولادت ٿيڻ واري هئي. ان هڪ ڏينهن پنهنجي زال کي چيو جيڪڏهن هن دفعي بہ تو ڌيءَ ڄڻي تہ آءُ توکي ان ٻارڙيءَ سميت قتل ڪري ڇڏيندُس. هجري سن 1426 جي رمضان المبارڪ جي ٽين رات (2005-10-8) تي ڌيءَ جي پيدائش ٿي صبح جي وقت ٻارڙيءَ جي ماءُ جي رڙين جي پرواھ ڪرڻ بغير ان بي رحم پيءُ (مَعاذَ الله!) پنهنجي گلن جهڙي زنده ٻارڙيءَ کي ڪٽي پريشر ڪُڪر ۾ وجهي چلهي تي چاڙهي ڇڏيو! هڪدم پريشر ڪُڪر ڦاٽو ۽ گڏ ئي خوفناڪ زلزلو (*Earth Quake*) اچي ويو. ڏسندي ئي ڏسندي اهو ظالم شخص زمين جي اندر ڌڀجي ويو ٻارڙي جي ماءُ کي زخمي حالت ۾ بچايو ويو ۽ غالباً اُن جي ذريعي هن دردناڪ واقعي جو انڪشاف ٿيو. ان زلزلي ۾ هڪ

اطلاع جي مطابق 2 لک کان وڌيڪ ماڻهو فوت ٿيا. [(1)]

الله پاڪ اسان جي حالِ زار تي رحم فرمائي! هيءَ ڪهڙي بي رحمي آهي، هي ڪي هڪ يا ٻه واقعا ناهن، هاڻي ته اهڙيون خبرون اينديون رهنديون آهن. رحمتن واري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رحمت ۽ شفقت جو صدقو ڪاش! اسان به رحم دل ٿي وڃون.

## جيڪو رحم ناهي ڪندو، ان تي رحم ناهي ڪيو ويندو

ترمذي شريف جي حديث پاڪ آهي، هڪ ڀيري پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي ڏوهٽن امام حسن ۽ امام حُسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُما کي پيار ڪيو، ويجهو ئي هڪ شخص ويٺو هو، چوڻ لڳو: مون کي ڏهه پٽ آهن، پر مون ته انهن مان ڪنهن هڪ کي به پيار ناهي ڏنو، رحيم ۽ ڪريم آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ان شخص جي طرف ڏٺو، پوءِ فرمايائون: جيڪو رحم ناهي ڪندو، ان تي رحم ناهي ڪيو ويندو. [(2)]

اي عاشقانِ رسول! اولاد الله پاڪ جي نعمت آهي، انهن تي رحم ڪرڻ گهرجي، پٽ هجي يا ڌيءُ، ٻئي الله پاڪ جي عطا آهن، ٻنهي سان خوب پيار ڪرڻ گهرجي، خاص طور ڌيءُ تي وڌيڪ رحم ڪيو وڃي جو ڌيئرون محبت ڪرڻ واريون آهن.

## ڌيئرن جي فضائل تي 4 حديثون

پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: (1): ڌيئرن کي خراب نه سمجهو، بيشڪ اهي محبت ڪرڻ واريون آهن. [(3)] (2): هڪ حديث پاڪ

---

[1]... زنده بيٹی کنويں ميں پهينک دی، صفحہ:5۔

[2]... بخاری، کتاب المناقب، باب علامات النبوة، صفحہ:913، حديث:3585۔

[3]... مسند امام احمد، مسند الشاميين،جلد:7، صفحہ:200، حديث:17837۔

ھِر آھي جنھن جي گھر ۾ ڌيءُ پيدا ٿي ۽ اھو ان کي ايذاء نہ ڏي ۽ نہ ئي خراب سمجھي ۽ نہ ئي پٽ کي ڌيءُ تي فضيلت ڏي تہ اللہ پاڪ ان شخص کي جنّت ۾ داخل فرمائيندو.[1] (3): مسلم شريف جي روايت آھي: جنھن شخص تي ڌيئرن جي پرورش جو بارُ اچي وجي ۽ اھو انھن سان حُسنِ سلوڪ (يعني سُٺو ورتاءُ) ڪري تہ اھي ڌيئرون ان جي لاءِ جھنّم کان آڙ بڻجي وينديون.[2] (4): ھڪ ٻي حديث شريف ۾ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ ڌيئرن تي رحم ۽ ڪرم ڪرڻ جو درس ڏيندي فرمايو: جيڪو بازار مان پنھنجي ٻارن جي لاءِ ڪا شيءِ آڻي تہ اھا انھن تي صدقو ڪرڻ وانگر آھي ۽ ان کي گھرجي تہ ڌيئرن کان شروعات ڪري ڇوتہ جيڪو ڌيئرن کي خوش ڪري اھو خوفِ خدا ۾ روئڻ جي مثل آھي ۽ جيڪو خوفِ خدا ۾ روئي اللہ پاڪ ان کي جھنّم تي حرام فرمائي ڇڏيندو آھي.[3]

## ڌيئرن تي ايثار ڪرڻ واري نيڪ خاتون

مومنن جي ماءُ حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: مون وٽ ھڪ مسڪين عورت آئي جنھن سان گڏ ان جون ٻہ ڌيئرون بہ ھيون مون ان کي ٽي کجورون ڏنيون ان ٻنھي ڌيئرن کي ھڪ ھڪ کجور ڏني پوءِ جنھن کجور کي ان پاڻ کائڻ چاھيو ٿي ان جا ٻہ ٽڪرا ڪري اھا کجور بہ انھن يعني ٻنھي ڌيئرن کي کارائي ڇڏي. مون کي ان واقعي سان تمام گھڻو تعجب ٿيو مون نبيءِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جن جي بارگاھ ۾ انھيءَ خاتون جي ايثار جو ذڪر ڪيو تہ سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: **اللہ پاڪ انھيءَ ايثار جي سبب ان عورت جي لاءِ جنّت واجب ڪري ڇڏي آھي.**[4]

ماشآء اللہ! ايثار جي بہ ڇا ڳالھ آھي! ڪاش اسان بہ پنھنجي پسند جون

---

[1] … مستدرك، كتاب البر والصلة، باب من كن له ثلاث بنات ، جلد:5، صفحہ:248، حديث:7428۔

[2] … مسلم، كتاب البر والصلة والآداب، باب فضل الاحسان الى البنات،صفحہ:1014، حديث:2629۔

[3] … مكارم الاخلاق للخرائطی، باب العطف على البنات،جلد:3، صفحہ:303، حديث:759۔

[4] … مسلم، كتاب البر والصلة والآداب، باب فضل الاحسان الى البنات،صفحہ:1014، حديث:2630۔

شيون ايثار ڪرڻ سکي وجون! هن روايت مان هي به معلوم ٿيو ته ڌيئرن سان نيڪ سلوڪ ڪرڻ، پنهنجي پسند جون شيون انهن جي لاءِ ايثار ڪرڻ وڏي فضيلت جو ڪم آهي. الله پاڪ اسان سڀني کي توفيق عطا فرمائي، ڪاش! اسان به پنهنجي ٻارن سان پيار ڪرڻ وارا، خاص طور ڌيئرن تي شفقت ۽ مهرباني ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

بیٹیاں تو رب کی رحمت ہوتی ہیں | یہ انعام خُدا کا، یہ تو نعمت ہوتی ہیں
ان سے آنگن گھر کا مہکے | سارا گلشن ان سے چہکے
بابا کی یہ آنکھ کا تارا | ماں کے دِل کی زینت ہوتی ہیں
بیٹیاں تو رب کی رحمت ہوتی ہیں | یہ انعام خُدا کا، یہ تو نعمت ہوتی ہیں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رحم دلي جي باري ۾ مبارڪ حديثون

(1): بخاري شريف جي حديث پاڪ آهي، پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: لَا يَرْحَمُ اللهُ مَنْ لَا يَرْحَمُ النَّاسَ جيڪو ماڻهن تي رحم ناهي ڪندو الله پاڪ ان تي رحم ناهي فرمائيندو.[1] (2): هڪ حديث پاڪ ۾ فرمايائون: الرَّاحِمُوْنَ يَرْحَمُهُمُ الرَّحْمٰن جيڪي رحم ڪرڻ وارا آهن، الله رحمٰن انهن تي رحم فرمائيندو آهي.[2] (3): پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لَا تُنْزَعُ الرَّحْمَةُ اِلَّا مِنْ شَقِيٍّ يعني رحمت ناهي ڪڍي ويندي پر بدبخت (جي دل) مان.[3]

[1]… بخاری،کتابُ التوحید ،صفحہ:1782، حدیث:7376۔
[2]…ابو داؤد، کتاب الادب،باب الرحمۃ، صفحہ:774، حدیث:4941۔
[3]…ابو داؤد، کتاب الادب،باب الرحمۃ، صفحہ:774، حدیث:4942۔

## جهرڪي تي رحم ڪرڻ جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي رحم دل ٿيڻو آهي، صرف انسان جي حق ۾ نہ بلڪ تمام مخلوق جي حق ۾، جانور تي بہ رحم ڪرڻو آهي. حُجَّةُ الاسلام امام محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه لکن ٿا: قيامت جي ڏينهن هڪ شخص کي بارگاهِ الٰهي ۾ پيش ڪيو ويندو، ٻانهو عرض ڪندو: يَارَبِّ اِرۡحَمۡنِی اي منهنجا ربّ! مون تي رحم فرماءِ. الله پاڪ فرمائيندو: ڇا تو منهنجي رضا جي خاطر ڪڏهن ڪنهن تي رحم ڪيو؟ تو دنيا ۾ چاهي هڪ جهرڪي تي ئي رحم ڪيو هجي تہ اڄ مان توتي رحم فرمائيندس.[1]

الله! الله! اي عاشقانِ رسول! ڪهڙي سبق آموز روايت آهي، قيامت جي ڏينهن جنهن خوشنصيب کي الله پاڪ جي رحمت نصيب ٿي وئي، ان جا تہ ٻيڙا ئي پار ٿي ويندا، يقيناً جنهن تي رحمت وسندي، اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! اهو جنّت جو حقدار قرار ڏنو ويندو ۽ اها رحمت ملندي ڪنهن کي؟ جنهن دنيا ۾ ڪنهن تي رحم ڪيو هوندو.

هاءِ افسوس! هاڻي حالات بُرا آهن، ماڻهو ويچارن بي زبان جانورن تي اهڙا اهڙا ظلمَ ڪن ٿا جو الامان والحفيظ! سوشل ميڊيا وغيره تي جانورن تي ظلم جا اهڙا دل ڏکوئيندڙ ويڊيوز (***Heartbreaking Videos***) اپندا آهن جو هڪ زنده دل انسان انهن کي ڏسي نہ سگهي. اهڙي بي رحمي ۽ ظلم...!! بَس الله پاڪ محفوظ فرمائي.

## مظلوم جانورُ مُسَلّط ٿي سگهي ٿو

مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب: جهنّم ۾ وني وجڻ وارا اعمال، جلد: 2، صفحي

---

[1]...سلوة العارفين، جلد:2، صفحہ:13۔

323 کان 324 تي آهي: انسان ناحق ڪنهن چوپائي کي ماريو يا ان کي اجايل بکايل رکيو ان کان طاقت کان وڌيڪ ڪم ورتو تہ قيامت جي ڏينهن ان کان انهيءَ مثل بدلو ورتو ويندو جيڪو ان جانور تي ظلم ڪيو يا ان کي بکايل رکيو. **ان تي هي حديث پاڪ دلالت ڪري ٿي:** پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جهنّم** ۾ هڪ عورت کي هن حال ۾ ڏٺو تہ اها لٽڪيل آهي ۽ هڪ ٻلي ان جي چهري ۽ سيني کي پٽي رهي آهي ۽ ان کي ايئن ئي عذاب ڏئي رهي آهي جيئن ان (عورت) دنيا ۾ قيد ڪري ۽ بکايل رکي ڪري ان ٻليءَ کي تڪليف ڏني هئي. [1] هن روايت جو حڪم تمام جانورن جي حق ۾ عام آهي.

## پکين قبر تي شور مچائي ڇڏيو

امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: هڪ شخص پکين جو واپاري هو، اهو پکين کي بند ڪري رکندو ۽ انهن کي تڪليف پهچائيندو هو، جڏهن ان شخص جو انتقال ٿي ويو تہ ان جي جنازي تي ڪافي پکي جمع ٿي ويا ۽ انهن شور مچائڻ شروع ڪري ڇڏيو، جڏهن ان شخص کي قبر ۾ لاٿو ويو غيب مان هڪ آواز آيو: اي پکيؤ! توهان ڪيستائين شور ئي مچائيندا رهندؤ...!! اسان هي شخص توهان جي حوالي ڪري ڇڏيو. [2]

الامان والحفيظ! پيارا اسلامي ڀائرو! اهي نادان جيڪي پکين ۽ ويچارن بي زبان جانورن تي ظلم ڪن ٿا، يا جنهن کي جانور پالڻ جو شوق تہ هوندو آهي پر انهن کي کاڌو پاڻي پورو ناهن ڏيندا، انهن تي ترس نہ آهن کائيندا، انهن کي اجايو تڪليف پهچائيندا آهن، ايئن ئي وڏي عيد جي موقعي تي جيڪي قاصائي لالچ ۾ اچي ڪري جلد بازي ۾ جانورن کي ناحق تڪليف پهچائيندا آهن، ذبح ۾ جيترين رڳون ڪٽڻ ضروري آهن، جاٽي واٽي ڪري ان

---

1 ...بخاری،کتاب المساقاۃ،باب فضل سقی الماء،صفحہ:610،حدیث:2364مفہوماً۔

2 ...سلوۃ العارفین، جلد:2، صفحہ:13۔

ڪان وڏيڪ ڪَٽي وڃهندا آهن، جانور جي ٽڏي ٽيڻ ڪان پهريان ئي ان جي ڪلَ لاهي ڪري يا ڪنڌ پيچي ڪري يا دل جون رڳون ڪٽي ڪري ان کي ناحق تڪليف پهچائيندا آهن، انهن کي ڊڄي وڃڻ گهرجي، هاءِ افسوس! جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن هي بي زبان جانورَ! ان ظالم شخص تي مُسَلَّط ڪيا ويا تہ ڇا ٿيندو...؟ لهٰذا اڄ موقعو آهي، اسان رڪجي وڃون، اللّٰہ نہ ڪري جيڪڏهن ڪنهن بي زبان کي تڪليف پهچائي آهي تہ ان کان توبهہ ڪيون. ڪاش! اسان رحم دل بڻجي وڃون.

## نيڪ ڪير هوندو آهي...؟

اللّٰہ پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اِنَّ الۡاَبۡرَارَ لَفِىۡ نَعِيۡمٍ ﴿۲۲﴾<br>(سيپارو: 30، سورة مطففين: آيت: 22) | ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ نيڪ ماڻهو ضرور سڪون ۾ هوندا. |

هن آيت ڪريمہ جي تفسير ۾ امام حسن بصري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: نيڪ ٻانها اهي آهن جيڪي ڪِولِن کي بہ تڪليف ناهن ڏيندا. [(1)]

اللّٰہ پاڪ اسان کي بہ نيڪ ٻانهو بڻجڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## بيقرار ڪِيول

الحمد لله! اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَة تمام رحم دل انسان آهن، پاڻ انسان تہ انسان، ڪنهن جانور کي بہ بنا سبب جي تڪليف ناهن پهچائيندا. هڪ پيري سندن خدمت ۾ ڪيلا (*Bananas*) پيش ڪيا ويا. انهن مان هڪ ڪيلي تي هڪ ڪِيول وڏي **بيقراري**

---

[1]...تفسير حسن بصری، جلد:5، صفحہ:264، غصے کا علاج، صفحہ:27۔

سان ڦري رهي هئي. اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ فوراً معاملو سمجهي ويا، فرمايائون: ڏسو هي ڪِيول پنهنجي قبيلي کان وڇڙي وئي آهي. ڪِيول هميشہ پنهنجي قبيلي سان گڏ رهندي آهي ان ڪري بيقرار آهي. براءِ مهرباني ڪو اسلامي ڀاءُ ان ڪلَ کي ڪِيول سميت کڻي وڃي ۽ واپس اتي وڃي رکي اچي جتان کان کنيو ويو آهي، ايئن اها ڪلَ ڪِيول سميت پنهنجي جڳهه تي پهچائي وئي. [1]

## ڪِولين جي هٽڻ جو انتظار

اهڙيءَ طرح هڪ دفعي اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ واش بيسن (*Washbasin*) تي هٿ ڌوئڻ جي لاءِ پهتا پر بيهي رهيا، پوءِ ارشاد فرمايائون تہ واش بيسن ۾ ڪجهه ڪِوليون هلي رهيون آهن، جيڪڏهن مون هٿ ڌوتا تہ هي پاڻي ۾ ٻڏي ڪري مري وينديون، لهٰذا ڪجهه دير انتظار فرمائڻ کان بعد جڏهن ڪِوليون اڳتي پوئتي ٿي ويون تہ پوءِ پاڻ هٿ ڌوتائون. [2]

سبحان الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي الله وارن جا مبارڪ انداز آهن...!! الله ڪري تہ اسان کي بہ رحم دلي نصيب ٿي وڃي.

## رحم دلي ڪيئن ملي...؟

اسان کي رحم دلي ڪيئن ملندي؟ ان جي لاءِ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي!

✿ سڀ کان پهريان گناه ڇڏي ڏيون، سچي پڪي توبهه ڪيون. ڇوتہ گناه ڪرڻ سان دل سخت ٿي ويندي آهي، رحم دلي جا جذبات دل مان نڪري ويندا آهن

✿ نيڪ اعمال ڪثرت سان ڪندا ڪيون جو نيڪين جي برڪت سان دل صاف ٿيندي آهي، دل ۾ نرمي پيدا ٿيندي آهي. خاص طور قرآنِ ڪريم جي تلاوت

---

[1] ... تعارف اميرِ اہلسنت، صفحہ:44۔

[2] ... تعارف اميرِ اہلسنت، صفحہ:45۔

www.dawateislami.net

ڪيون، نمازون پڙهون، درود پاڪ جي ڪثرت ڪيو، ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دل نرم ٿيندي ✿ ذڪر اذڪار جي برڪات مان هڪ هي بہ آهي تہ الله پاڪ جي جنهن نالي مبارڪ جو ذڪر ڪثرت سان ڪيو وڃي، ان نالي پاڪ جا اثرات طبيعت تي ٿيڻ لڳندا آهن. لھٰذا الله پاڪ جي مبارڪ نالن يارَحۡمٰنُ، يَارَحِيۡمُ جو ذڪر ڪثرت سان ڪيو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دل ۾ رحم ۽ شفقت جا جذبات وڌندا ✿ اهڙيءَ طرح درودِ پاڪ جي برڪتن مان هي بہ آهي تہ جيڪو بانهو ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهندو آهي، ان کي پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صفتن جو فيضان ملڻ لڳندو آهي. لھٰذا درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! رحمتِ عالَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رحمت ۽ شفقت جو فيضان ملندو ✿ قبر ۽ آخرت کي وساري ويهڻ دل جي سختي جو نهايت اهم سبب آهي. لھٰذا رحم دلي جي نعمت ماڻڻ جي لاءِ قبر ۽ آخرت کي ياد ڪيو! قبرستان وڃڻ جو معمول بڻايو، قبرستان وارن جي لاءِ فاتحہ شريف بہ پڙهو، ايصالِ ثواب بہ ڪيو، پوءِ ڪجھ دير ويهي ڪري قبر، ان جي هولناڪين، قبر جي اونداهي، اڪيلائي، وحشت، پوءِ قيامت جي ڏينهن قبر مان اٿڻ، بارگاهِ الٰهي ۾ پيش ٿيڻ وغيره، انهن سيني معاملن جي باري ۾ غور ڪيو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دل ۾ نرمي پيدا ٿيندي ۽ رحم دلي نصيب ٿيندي ✿ اهڙيءَ طرح يتيمن جي مٿي تي هٿ، غريبن جي مدد ڪرڻ، بي سهارن جو سهارو بڻجڻ بہ رحم دلي پيدا ڪندو آهي. جيڪڏهن اسان دل تي بوجھ وجهي ڪري، نفسِ امّاره کي ڏبائي ڪري شفقت ۽ رحم دلي جو مظاهرو ڪرڻ لڳي وڃون تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! آهستہ آهستہ دل ۾ رحم دلي جا جذبات ويهندا ويندا ۽ ربِّ ڪريم چاهيو تہ رحم دلي اسان جي طبيعت جو حصو بڻجي ويندي.

✿ دل جي سختي، رحم دلي جي جذبات جو نہ هجڻ، ان جو هڪ اهم سبب بُري صحبت بہ آهي. بُرن ۽ ظالم طبيعت ماڻهن وٽ ويهنداسين تہ دل سخت

ٿيندي، لهٰذا نيڪ، نرم دل، رحم دل ماڻهن جي صحبت اپنايو اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! رحم دلي جي نعمت ملي ويندي.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال

پيارا اسلامي ڀائرو! دنيا ۽ ان جي عيش ۽ عشرت کان جان ڇڏرائڻ، زُهد و تقوٰي جي نعمت ماڻڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! 12 ديني ڪم به خوب ذوق ۽ شوق سان ڪندا ڪريو اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت جون بي شمار ڀلايون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم نيڪ اعمال جو رسالو به آهي. هي مختصر رسالو مڪتبةُ المدينہ کان حاصل ڪيو ۽ چاهيو ته دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ (www.dawateislami.net) تان ڊاؤن لوڊ ڪري وٺو بلڪ وڌيڪ آساني چاهيو ٿا ته پنهنجي موبائل ۾ ***Naik Amal*** ايپليڪيشن انسٽال ڪري وٺو، ان ۾ مختلف نيڪ اعمال تي مشتمل سوالات ڏنا ويا آهن، هر سوال جي هينان 30 خانا آهن، روزانو پنهنجي مرضيءَ جو ڪوبہ وقت مقرر ڪري پنهنجي اعمال جو جائزو وٺو، ۽ ان جي مطابق زندگي گذاريو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ان جي برڪت سان گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جو ذهن ٺهندو، دل کي پاڪيزگي ملندي ۽ ڪردار صاف سٿرو ۽ خوبصورت ٿي ويندو. اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## سڄو گهراڻو سُڌري ويو

ضلع اٽڪ (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي، مان گناهن ڀري زندگي گذاري رهيو هيس، فلمون ڏسڻ، آوارا گردي ڪرڻ، نمازون قضا ڪرڻ وغيره منهنجي معمولات ۾ شامل هو، هڪ پيري اسان جي علائقي ۾

عاشقانِ رسول جو مدني قافلو آيو، انهن مان هڪ اسلامي ڀاء مون کي مغرب جي نماز پڙهڻ ۽ بيان ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، منهنجي خوش نصيبي جو مان انهن سان گڏ مسجد هليو ويس، مغرب کان بعد بيان ٻڌي ڪري وڏو لطف آيو، بيان جي آخر ۾ مبلغ نيڪ اعمال رسالي جو تعارف (**Introduction**) ڪرايو، رسالي نيڪ اعمال ۾ لکيل نيڪين ڀري زندگي گذارڻ جا مدني گُلَ ڏسي ڪري مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي، ان رسالي جي صورت ۾ شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو اصلاحِ اُمّت جي لاءِ جذبو ڏسي ڪري مون هٿون هٿ بيعت جي لاءِ نالو ڏئي ڇڏيو ۽ عطاري بڻجي ويس، وقت جي ڪامل ولي سان نسبت جا ٿي، دل گناهن کان بيزار ۽ نيڪين جي طرف مائل ٿي وئي، مون گناهن کان توبهه ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول کي دل ۽ جان سان اپنائي ورتو، ان جي برڪت سان منهنجا اخلاق سنا ٿيڻ لڳا، منهنجي ان تبديلي جو منهنجي گهر وارن تي به چڱو اثر ٿيو، الحمد لله! آهستہ آهستہ پورو گهراڻو ئي قادري، رضوي، عطاري بڻجي ويو، گهر ۾ نمازن جي پابندي شروع ٿي وئي، فلمون ڊراما، ڳائڻ وڄائڻ بند ٿي ويا ۽ گناهن ڀري چينلن جي جڳهه مدني چينل هلڻ لڳو.

| | |
|---|---|
| خوب مدنی قافلوں کی دھوم ہو | نیک ہو امّت اے نانائے حسین |
| مدنی اِنعامات کی ہو ریل پیل | نیک ہو امّت اے نانائے حسین [1] |

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ مدني انعامات کي هاڻي نيڪ اعمال چيو ويندو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]…وسائلِ بخشش، صفحہ:258۔

## مدني قاعدو (Madani Qaida) موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي *I.T* ڊيپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن به جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: مدني قاعدو (*Madani Qaida*) هن ايپلي ڪيشن ۾ مڪمل مدني قاعدو ۽ ان جي آڊيو (*Audio*) شامل ڪئي وئي آهي يعني هن ايپلي ڪيشن ۾ توهان مدني قاعدي جي جنهن اکر يا جنهن لفظ تي ڪلڪ (*Click*) ڪندؤ، آڊيو ۾ ان جو تَلَفُّظ هلندو، ايئن هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان آسانيءَ سان مدني قاعدو پڙهي ڪري، ان جي مشق (*Practice*) ڪري درست مخارج ۽ ضروري تجويد سکي سگهجي ٿي. هي ايپلي ڪيشن پنهنجي اسمارٽ فون ۾ انسٽال ڪري وٺو، پاڻ به فائدو حاصل ڪيو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ٽيلي ٿون (عطيات مهم) جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدُلِله! دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ واري ديني تحريڪ آهي. الله پاڪ جي فضل سان دعوتِ اسلامي 80 کان وڌيڪ شعبه جات ۾ ديني خدمات انجام ڏئي رهي آهي ✿ دعوتِ اسلامي هينئر تائين هزارين مسجدون، سوين فيضانِ مدينه (مدني مراڪز) ٺاهي چڪي آهي ✿ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين (*Boys & Girls*) کي الڳ الڳ تعليمِ قرآن ڏيڻ جي لاءِ هينئر تائين تقريباً 6121 (6 هزار 121) مدرسةُ المدينه قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ تقريباً 112،70، 2 (2 لک 70 هزار 112) ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي قرآنِ ڪريم حفظ ۽ ناظران جي مفت تعليم ڏني وڃي ٿي ✿ نابينا ٻارن جي لاءِ به الڳ سان مدرسة المدينه قائم آهن. آغاز کان هينئر تائين تقريباً 4،39،940 (4 لک 39 هزار 940) ناظره ۽ حفظ قرآن مڪمل

ڪيو ✿ فروغِ علمِ دين (عالمِ و عالمہ ڪورس ڪرائڻ) جي لاءِ الڳ الڳ جامعة المدينہ قائم آهن. هينئر تائين تقريباً 1903 (1 هزار 309) جامعة المدينہ (ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين) جا قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ تقريباً 1،17،402 (1 لک 17 هزار 402) طالب ۽ طالبات کي درس نظامي (عالمِ و عالمہ ڪورس، فيضانِ شريعت ڪورس) مفت ڪرايو پيو وڃي. هن وقت تائين تقريباً 16،117 (16 هزار 117) عالم و عالمہ ڪورس، فيضانِ شريعت ڪورس مڪمل ڪري چڪا آهن. لڪين حافظ، قاري، امام، مبلغ، مُعَلّم، عالم ۽ مفتي تيار ڪرڻ سان گڏوگڏ اصلاحِ امّت ۽ ڪردار سازي جو ڪم جاري آهي ✿ درجن کان وڌيڪ دارُ الافتاء اهلِ سنّت قائم ٿي چڪا آهن، جتي مفتيانِ ڪرام اُمَّت جي شرعي رهنمائي ڪرڻ ۾ مصروف عمل آهن ✿ المدينة العلميہ ( ***Islamic Research Canter***) ۾ مختلف موضوعن تي سوين ديني ڪتابَ ڇپجي چڪا آهن ✿ فيضان آن لائن اڪيڊمي (ڇوڪرن، ڇوڪرين) جون قائم آهن جنهن جي ذريعي آن لائن عالم ڪورس ، قرآن پاڪ (حفظ و ناظره) پڙهايو ويندو آهي، 30 کان وڌيڪ آن لائن ڪورسَن جي ذريعي 77 ملڪن (Countries) ۾ ماڻهن کي گهر ويٺي علمِ دين جي روشني پهچائي پئي وڃي ✿ ”مدني چينل“ جي ذريعي 6 وڏين سيٽلائٽس تي اردو، انگلش ۽ بنگالي زبانن ۾ دين جي خوب خدمت ڪئي پئي وڃي. ✿ شعبي FGRF جي ذريعي فلاحي ۽ سماجي خدمتن جو سلسلو بہ جاري آهي.

13 نومبر 2022ء آچر جي ڏينهن ٽيلي ٿون(يعني عطيات مهم جو سلسلو) ٿي رهيو آهي. اوهان بہ دين جي خدمت جي هن ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪيو! هڪ يونٽ: 10 هزار جو آهي. جيڪو هڪ يونٽ ڏئي سگهي ٿو، اهو هڪ يونٽ ڏي، جيڪو 12 يونٽ ڏيڻ جي استطاعت رکي ٿو تہ اهو 12 يونٽ ڏي، جنهن جي جيتري همت، جنهن کي جيتري توفيق نصيب ٿي. بهرحال ٽيلي ٿون ۾ حصو ضرور بہ ضرور شامل ڪيو! راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ پرهيزگارن جي بنيادي

وصفن مان آهي. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَمَا لَكُمْ اَلَّا تُنْفِقُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلِلّٰهِ مِيْرَاثُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ<br>(سيپارو: 27، سورة حديد: آيت: 10) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ توهان کي ڇا (ٿيو) آهي جو توهان الله جي راهه ۾ خرچ نه ٿا ڪريو حالانڪ آسمانن ۽ زمين سڀ جو وارث الله ئي آهي. |

هن آيت جي تحت تفسير صراط الجنان ۾ آهي: توهان کهڙي سبب جي ڪري الله پاڪ جي راهه ۾ خرچ نه ڪري رهيا آهيو حالانڪ آسمانن ۽ زمين سيني جو مالڪ الله پاڪ ئي آهي هو ئي هميشه رهڻ وارو آهي جڏهن توهان هلاڪ ٿي ويندؤ ۽ توهان جا مالَ انهيءَ جي ملڪِيت ۾ رهجي ويندا ۽ توهان کي خرچ نه ڪرڻ جي صورت ۾ ثواب به نه ملندو، توهان جي لاءِ بهتر هي آهي ته توهان پنهنجو مال الله پاڪ جي راهه ۾ خرچ ڪري ڇڏيو ته جيئن ان جي بدلي ثواب ته ماڻي سگهو. (1)

خبر پئي، خدا جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ ۾ اسان ئي جو فائدو آهي. اسان جيڪر دين جي مالي خدمت ترڪ ڪري ڇڏينداسين ته مسجدون ڪيئن نهنديون؟ لڪين حافظ ڪيئن تيار ٿيندا؟ هزارين عالم، 80 کان وڌيڪ ديني شعبا ڪيئن ڪم ڪري سگهندا؟ الحمدللّٰه! دعوت اسلامي دين جي خدمت ڪري رهي آهي، دعوتِ اسلامي مسجد بڻايو تحريڪ به آهي، دعوتِ اسلامي مسجد ڀريو تحريڪ به آهي ۽ الله پاڪ جي فضل سان دعوتِ اسلامي ايمان بچايو تحريڪ به آهي. دعوت اسلامي اسان جي نسلن کي بچائي رهي آهي، دعوت اسلامي اسان جي ايمان جي حفاظت ڪري رهي آهي. گهر گهر ۾ نيڪي جي دعوت پهچائي ڪري گهر امن جو گهوارو بڻائي رهي آهي. اسان دعوت اسلامي جو ساٿ ڏينداسين ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم ! هن جو فائدو اسان کي،

[1]...تفسير صراط الجنان، پاره:27، سورة حديد، زيرِ آيت:10، جلد:9، صفحه:721.

اسان جي نسل کي ئي ٿيندو. لهٰذا همت ڪيو! دل کولي راهِ خدا ۾ خرچ ڪيو! دعوت اسلامي جو ساٿ ڏيو! الله پاڪ چاهيو تہ دين ۽ دنيا جون برڪتون نصيب ٿينديون. الله پاڪ اسان کي دين جي خدمت ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

دعوتِ اسلامی کی قیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم
اس پہ فدا ہو بچہ بچہ یااللہ! مری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## جانورن تي رحم ڪرڻ سنّتِ مصطفٰي آهي

2 فرامينِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): توهان هنن بي زبان جانورن جي باري ۾ الله پاڪ کان ڊڄو هنن تي ان وقت سوار ٿيندا ڪيو جڏهن اهي چڱي حالت ۾ هجن ۽ انهن کي سُٺي طرح ڪارائيندا ڪيو.[2] (2): هر روح واري تي شفقت جو اجر ملندو آهي.[3]

اي عاشقانِ رسول! جانورن تي رحم ڪرڻ سنّتِ مصطفٰي آهي ✿ پاڻ

---

[1]...تاريخ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔
[2]...ابوداؤد، ڪتاب:جہاد، صفحہ:408، حديث:2548۔
[3]...بخاري، ڪتاب :مظالم وغصب صفحہ:635، حديث:2466۔

سڳورا صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جانورن تي وڏي شفقت فرمائيندا هئا ✿ پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جانور جو فرياد ٻڌندا ۽ انهن جي مدد پڻ فرمائيندا هئا ✿ هڪ ڀيري پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن هڪ اُٺ جي فرياد تي ان جي مالڪ کي فرمايو: تون هن کي بکايل رکندو آهين ۽ ڪم گهڻو وٺندو آهين [1] ✿جيڪڏهن ڪو جانور کي تڪليف ڏيندو هو ته پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان کان ناراض ٿيندا هئا ✿ پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جانورن کي پاڻ ۾ وڙهائڻ، انهن کي ٻَڌي ڪري مارڻ، انهن جو مُثلہ بڻائڻ (چهرو بگاڙڻ) کان منع فرمائيندا هئا. [2]

هرن نے، اونٹ نے، چڑیوں نے کی یہی فریاد | کہ ان کے غم کا مداوا حضور جانتے ہیں

اللّٰه پاڪ اسان کي بہ سنّتِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي عمل ڪندي جانورن تي شفقت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَۃ جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

غم کے بادَل چھٹیں قافلے میں چلو | خوب خوشیاں ملیں قافلے میں چلو
رب کے در جُھکیں، اِلتِجائیں کریں | بابِ رحمت کھلیں، قافلے میں چلو

اللّٰه پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِیۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہ عَلٰی مُحَمَّد

[1] ... ابوداؤد، کتاب:جہاد، صفحہ:408، حدیث:2549 خلاصۃً۔
[2] ...سیرت رسول عربی، صفحہ:332تا 335 ملتقطاً۔